# پنهنجي ڀيڻ سان

# نيڪ سلوڪ ڪيو

**31-December-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

# 31 ڊسمبر 2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

## پنھنجي ڀيڻ سان نيڪ سلوڪ ڪيو

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ڀيڻ جو حق ادا نہ ڪرڻ جي سزا
- رشتو ٽوڙڻ جي مذمت
- اسلام جو خانداني نظام
- ڀيڻ ڀاءُ جو پاڻ ۾ تعلق ڪيئن هجي؟
- حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو پنھنجي ڀينرن سان نيڪ سلوڪ
- ڪهڙن رشتيدارن سان صلہ رحمي واجب آهي؟

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر**

**(المدينة العلميہ)**

**ترجمو:**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**

**(دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# پنھنجي پيڻ سان نيڪ سلوڪ ڪريو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏھن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رھندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رھندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمھڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناھي، البت جيڪڏھن اعتڪاف جي نيت ھوندي تہ اھي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمھڻ جي لاءِ نہ ھئڻ گھرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا ھجي. "فتاوي شامي" ۾ آھي: جيڪڏھن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمھڻ چاھي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاھي ڪري (يعني ھاڻي چاھي تہ کائي پي يا سمھي سگھي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ محمد بن عبدالله خيام سمر قندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ھڪ ڏينھن مان رستو وساري وينس، اوچتو ھڪ شخص نظر آيو ۽ مون کي گڏ وٺي ھليو. مون کي گمان ٿيو تہ شايد ھي حضرتِ خِضَر عَلَيْهِ السَّلَام آھن. مون پڇا ڪئي تہ انھن

پنهنجو نالو خِضَر ٻڌايو، ساڻس هڪ ٻيو بزرگ به هو، ان جو نالو پڇيو ته فرمايائون: اهي حضرت اِلياس عَلَيْهِ السَّلَام آهن. مون عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رَحمت فرمائي، ڇا اوهان سرورِ ڪائنات، شَهنشاهِ موجودات صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪئي آهي؟ جواب هائو ۾ مليو ته مون عرض ڪيو: سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻُڌل ڪو ارشادِ پاڪ ٻُڌايو ته جيئن مان توهان کان رِوايت ڪري سگهان. اُنهن فرمايو: رسولِ خدا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد آهي: جيڪو شخص مون تي دُرُود پاڪ پڙهي ان جي دل کي نفاق کان ائين پاڪ ڪيو ويندو آهي جيئن پاڻي سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪو شخص "صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد" پڙهندو آهي ته هو پاڻ تي رَحمت جا 70 دروازا کولي ڇڏيندو آهي. (اَلْقَوْلُ الْبَدِيع ص۲۷۷،جَذْبُ الْقلُوب ص۲۳۵)

بے عدد اور بے عدد تسلیم بے شمار اور بے شمار دُرُود
بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے ہو الٰہی مرا شِعار دُرُود
جان نکلے تو اِس طرح نکلے تجھ پہ اے غمزدوں کے یار دُرُود
دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے لب سے جاری ہو بار بار دُرُود [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

---

[1] ذوقِ نعت:ص۱۲۴

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ سنين سنين نيتن سان اوّل تا آخر بيان ٻڌو ❖ پوري توجهه سان ڳڌ بيان ٻڌڻ جي نيت ڪريو، ❖ ادب سان ويهڻ جي نيت ڪريو ❖ جيڪڏهن اوهان وٽ قلم (Pen/Pencil)، ڊائري آهي ته اَهمّ نڪتا نوٽ ڪرڻ جي بہ نيت ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي ”پنهنجي پيڻ سان نيڪ سلوڪ ڪريو“ جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين ❖ هڪ خُراساني شخص جي عذاب ۾ مُبْتَلا ٿيڻ جو سبب ڇا بڻيو؟ ❖ رشتو ٽوڙڻ جي مَذمَّت ❖ اسلام ۾ رت جي رشتن جي ڇا اَهمِيت آهي ❖ پيڻ ڀاء جو پاڻ ۾ تعلق ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ ❖ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رت جي رشتن سان تَعَلّق ڪيئن هو ❖ ڪهڙن رشتيدارن سان صلہ رحمي ڪرڻ واجب آهي؟ ❖ رشتيدارن سان تعلقات ٽوڙڻ جي ڇا نحوست آهي؟ ❖ حضرت جابر بن عبدالله رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جو پنهنجي پيڻن سان نيڪ سُلُوڪ ۽ ان کان علاوه مفيد معلومات حاصِل ڪنداسين، اِنْ شَآءَ الله.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيڻ جو حق ادا نہ ڪرڻ جي سزا

حضرت حامد بن يحييٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ خراساني 60 سالن کان مڪي پاڪ ۾ رهندو هو. جيڪو وڏو عابد و زاهد ۽ امانتدار شخص هو، ڏينهن جو قرآن پاڪ پڙهندو هو ۽ سڄي رات طواف ڪندو هو، ماڻهو ان وٽ امانتون رکرائيندا هئا. هڪ نيڪ شخص سان ان خراساني جي دوستي هئي، هڪ ڀيري ان نيڪ شخص کي ڪٿي سفر تي وڃڻو پيو، ان پنهنجي خراساني دوست کي ڏهه هزار دينار امانت طور رکرايا ۽ سفر تي هليو ويو. جڏهن سفر تان موٽيو تہ خبر پئي تہ اهو خراساني دوست فوت ٿي چڪو آهي. پوءِ هو خراساني جي وارثن وٽ ويو ۽ پنهنجي امانت گهري، انهن لاعلمي جو اظهار ڪندي چيو تہ

اسان کي خبر ناهي. ان صالح شخص مڪي پاڪ جي عالمن وٽ ان واقعي جو تذڪرو ڪيو تہ عالمن فرمايو اسان کي اميد آهي تہ مرحوم خراساني جنتي هوندو تون آڌي رات جو زمزم جي کوھ جي اندر جهاتي پائي هيئن آواز لڳاءِ: "اي فلاڻا بن فلاڻا منهنجي ڏنل اَمانَت ڪٿي آهي؟ اوهان کي جواب ملي ويندو." هن ائين ئي ڪيو ۽ ٽن ڏينهن تائين لاڳيتو ڪندو رهيو، پر زمزم جي کوھ مان جواب نہ آيو. ان شخص ٻيهر عالمن سان رابطو ڪيو. عالمن سڳورن اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّا اِلَیۡہِ رَاجِعُوۡن پڙهي چيو: اسان جو خيال آهي شايد اهو دوزخي آهي، هاڻي توکي يمن ۾ موجود برهوت نالي کوھ تي وڃي ساڳي وانگر سڏ ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ تہ اتي جهنمين جا روح آهن. ان ڪري هو شخص يمن پهتو ۽ برهوت جي کوھ تي جهاتي پائي آواز ڏنو: اي فلاڻا بن فلاڻا منهنجي ڏنل اَمانَت ڪٿي آهي؟ ڪجھ دير کان پوءِ ان خراساني شخص جو آواز آيو تہ ان نيڪ شخص افسوس ۽ پريشاني وچان ان کان پڇا ڪئي: تون تہ عبادت گذار ۽ دنيا کان بيزار شخص هُئين، عذاب ۾ گرفتار ٿي هتي ڪيئن پهتين؟ خراساني جواب ڏنو: منهنجي عبادت توهان تي ظاهر هئي پر منهنجي هڪ گناھ منهنجي سڀي عبادت کي ضايع ڪري مون کي عذاب ۾ مُبتَلا ڪري ڇڏيو آهي. منهنجو گناھ اهو هو جو مون پنهنجي هڪ مَعذُور ڀيڻ کان لاپرواهي ڪندي قَطع رِحمي يعني رشتو ناتو ٽوڙيو هو، نہ مون کي ڀيڻ جو فڪر هو نہ ئي مون ڪنهن سان ان جي باري ۾ پڇيو هو. جڏهن مان مري ويس تہ الله پاڪ انهيءَ ڳالھ تي منهنجي پڪڙ ڪئي ۽ ارشاد فرمايو: تُو پنهنجي ڀيڻ کي ڪيئن وساريو، ان وٽ ڪپڙا نہ هئا ۽ تون نوان ڪپڙا پائي زندگي گذاريندو رهين، اها بکايل رهندي هئي ۽ تُون پيٽ ڀري کائيندو هُئين، اها اڃايل رهندي هئي تون کائي پي ڪري خوب ڊوڙ ڪندو هُئين، مون کي پنهنجي عزّت وجلال جو قسم! مان رشتيداري ٽوڙڻ واري تي رحم نہ ڪندس. ان کي ڪٽي وجو ۽ بَرَهوت جي کوھ ۾ ڦٽو ڪيوس. بس حضرت ملڪ الموت عَلَیۡہِ السَّلَام مون کي ان کوھ ۾ ڦٽو ڪيو ۽ هاڻي مون کي عذاب ڏنو پيو وڃي. اي منهنجا ڀاءُ! تون منهنجي ڀيڻ وٽ

وڃي منهنجي لاءِ معافي جي درخواست ڪر ۽ هن عذاب ڪان نجات جي ڪا صُورَت ڪڍ، ٿي سگهي ٿو ته الله پاڪ مون تي رحم ڪري، ڇوته ان جي بارگاهه ۾ رشتيداري ٽوڙڻ ڪان علاوه منهنجو ٻيو ڪو گناهه ناهي.

ان نيڪ شخص پڇيو منهنجي اَمَانَت ڪٿي آهي؟ خراساني جواب ڏنو منهنجي گهر جي فلاڻي ڪنڊ ۾ دَفن آهي، وڃي اتان ڪڍي وٺو. پوءِ اهو نيڪ شخص ان گهر ۾ ٻڌايل جاءِ کوٽي پنهنجي امانت ڪڍي ورتي ۽ خراساني جي ڀيڻ جي ڳولا ۾ ان جي اَباڻي علائقي ڏانهن ويو ۽ معلومات حاصل ڪري ان مَعذُور ڀيڻ تائين پهچي ويو ۽ سڄو ماجرو ٻڌايائين. اهو واقعو ٻڌي ڀيڻ روئڻ لڳي، نيڪ شخص ان کي ڀاءُ جي لاءِ دُعا ڪرڻ جو چيو ته ان پنهنجي محتاجي جي شِڪايت ڪئي، نيڪ شخص ان جون ضرورتون پوريون ڪيون، ڀيڻ خوش ٿي وئي، هاڻي اهو شخص واپس مڪي شريف موٽيو اهو ڏسڻ جي لاءِ ته ان شخص کي عذاب مان رهائي ملي يا نه. هڪ ڏينهن زَم زَم جي کوهه وٽ آواز ڏنائين ته مرحوم خراساني جواب ڏنو اَلحَمدُ لِلّٰه بَرهوت کوهه مان نجات ملي آهي ۽ هاڻي مان زم زم جي کوهه ۾ امن ۽ چين سان آهيان. (شرح الصدور، الباب التاسع والثلاثون،ص۱۷۸،حكايت:۷۴ بتغير قليل)

یا الٰہی رشتہ داروں سے کروں حسنِ سلوک قطعِ رحمی سے بچوں اس میں کروں نہ بھُول چُوک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رشتو ٽوڙڻ جي مذمت

پيارا اسلامي ڀائرو! **اوهان ٻڌو!** ڀيڻ سان سٺو سُلُوڪ نه ڪرڻ جي ڪري ان خراساني شخص جي ايتري عبادت جي باوجود ان جي هڪ عمل تي پڪڙ ٿي وئي ۽ اها عبادت به جيڪا ان مڪي ۾ ڪئي جتي جي هڪ نيڪي هڪ لک نيڪين جي برابر آهي. ۽ عبادت ۾ ڪيل عمل به ڪهڙا هئا جو سڄي ڏينهن جي تلاوت ۽ سڄي رات جو طواف پڻ ان کي الله پاڪ جي پڪڙ ڪان بچائي نه

سگھيو. تنهنڪري ياد رکو! الله پاڪ جي ڪنهن جي باري ۾ ڪھڙي خفيہ تدبير آهي اسان کي خبر ناهي، اهو ڪھڙي عمل جي سبب بخشي ڇڏي ۽ ڪھڙي گناھ تي پڪڙ فرمائي اسان کي ان جو علم ناهي. بيان ڪيل حڪايت مان خبر پئي تہ هڪ نيڪ ٻانهي جي ڪيئي سالن جي عبادت جي باوجود فقط قطعِ رحمي يعني پيڻ جي سار سنڀار کان لاپرواهي جي گناھ جي ڪري عذاب جي کوھ ۾ قيد ڪيو ويو. ڪيتري افسوس جي ڳالھ آهي جو رشتو ٽوڙڻ جو گناھ اڄ اسان جي معاشري ۾ هڪ تڪليف ده بيماري بڻجي چڪو آهي. هن ڪان ڇوٽڪاري جي بظاهر ڪا صورت بہ نظر نٿي اچي. ڪو پنهنجي پيءِ سان اٽڪيل آهي تہ ڪنهن ماء ڪان وڙهي پنهنجو گھر جدا ڪيو آهي. ڪو پنهنجي ڀاءُ ڪان ڦٽائي پنهنجو گھر اُجاڙي وينو آهي. تہ ڪو پنهنجي سڳي پيڻ سان ڪاوڙجي وينو آهي. ڪنهن جي غيرن سان تہ سني طرح نهيل آهي پر ماسي مامي سان اٽبڻت آهي. ننڍين ننڍين ڳالهين جي ڪري اڄ رشتو ناتو ٽوڙيو ويندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! خراساني شخص واري واقعي ۾ اسان جي لاءِ وڏي عبرت آهي، ياد رکو! هر رشتيدار سان تَعَلّق قائم رکڻ شرعًا واجِب آهي ۽ ان ڪان لاپرواهي اختيار ڪرڻ، انهن ڪان ميل جول نہ رکڻ، پاڻ مال دار هئڻ ۽ انهن جي غريب هئڻ جي صورت ۾ انهن جي ضرورتن جو خيال نہ رکڻ پيڻ بک برداشت ڪري ۽ ڀاء هوٽلن جي کاڌن جا مزا وني، پيڻ مال نہ هئڻ جي ڪري ڏيئرن جي شادي نہ ڪري سگھي ۽ ڀاءُ پنهنجي پٽن جي شادين تي وڏو خرچ ڪري، پيڻ پراڻا ڪپڙا پائي ۽ ڀاءُ هر ڏينهن نوان ڪپڙا پائي، پيڻ سنا ڪپڙا پائڻ جي لاءِ سڪي ۽ ڀاءُ ٻين کي مهانگا مهانگا لباس تحفي ۾ ڏئي، پيڻ وٽ بيماري جو علاج ڪرائڻ جا پيسا نہ هجن ۽ ڀاءُ پنهنجي سالگرھ ۽ ٻارن جي سالگره ۾ پيسن کي پاڻي جيان وهائي رهيو هجي، بيوه يا غريب پيڻ پنهنجي ٻارن کي نپائڻ جي لاءِ گھرن جا ٿانوء ڌوئڻ يا ڪنهن آفيس ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور هجي يا گھر ويھي ٽيوشن پڙهائي يا سلائي ڪري پنهنجو گذارو ڪري ۽ ڀاءُ شادي جي سالگره (Anniversary) ملهائي رهيو هجي، پيڻ پيسا نہ هئڻ جي

ڪري گهر ۾ ئي بيماري سبب روئي رهي هجي ۽ پاءُ پنهنجي دوستن جي محفل ۾ ٺهڪ ڏئي رهيو هجي. اهو اسلام کي پسند ناهي بلڪ اسلام هن ڳالهه جي تعليم ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن توهان جا پيڻ پاءُ محتاج هجن ۽ توهان کي الله پاڪ مال و دولت سان نوازيو هجي تہ پائرن ۽ پينرن جي وراثت جي مطابق ڪفالَت ڪرڻ واجِب آهي.

پنهنجي رشتيدارن سان تَعلّق رکڻ ايترو اهم آهي جو تمام شريعتن ۾ ان جو مُستَقِل حڪم ۽ تمام اُمتن تي ان کي واجِب ڪيو ويو آهي. الله پاڪ جي پياري نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان توحيد تي اِيمان آڻڻ ۽ والدين سان سني سُلُوڪ کان بعد قريبي رشتيدارن سان صلہ رحمي جو واعدو ورتو ويو هو، جيئن سيپاري 1،سُوره بقره جي آيت نمبر83 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اِذْ اَخَذْنَا مِیْثَاقَ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِی الْقُرْبٰى (پ1،البقرة:83) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان بني اسرائِيل کان واعِدو ورتو تہ اوهان الله جِي ئِي پُوڄا ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائِي ڪريو، ۽ مائٽن سان. |

## اسلام ۾ رشتن جي اهميت

اها آيت هن ڳالهه تي دليل آهي تہ رت جي رشتن جو لِحَاظ ڪيتري قدر اهم آهي جو اسلام کان پهريان بہ هن رشتي کي مضبوط رکڻ جي لاءِ الله پاڪ پنهنجي نبين کان هن تي عَمَل ڪرڻ جو واعدو ورتو ۽ الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ بہ مختلف هنڌن تي ان جو تذڪرو فرمايو ۽ رت جي رشتن جو اِحتِرام ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ صلہ رحمي ڪرڻ وارن کي الله جي عذاب کان خوف رکندڙ فرمايو ويو. جيئن تہ سيپاري 13، سُوره رَعد جي آيت نمبر21 ۾ اِرشَاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِیْنَ یَصِلُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ یُّوْصَلَ وَ یَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَ یَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ﴿۲۱﴾ | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اهي ڳنڍيندا آهن جنهن جي ڳنڍڻ جو الله حڪم ڏنو ۽ پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ بري حساب کان خوف رکندا آهن. |

**تفسير صراطُ الجنان** ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تفسير جي مناسبت سان ترغيب جي لاءِ ڪجھ حديث سڳوريون بيان ڪيون ويون آهن، اچو اسان ٻه ٻڌون ٿا:

منهنجي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ❖ رشتيداري ٽوڙڻ وارو جنت ۾ نه ويندو. (بخاري، كتاب الادب، باب اثم القاطع، ۴ / ۹۷، الحديث: ۵۹۸۴) ❖ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي حاجت روائي ۾ رهي ٿو ته الله پاڪ ان جي حاجت روائي ۾ رهي ٿو ❖ جيڪو ڀي ڀاءُ کان تڪليف پري ڪري ٿو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي تڪليف پري فرمائيندو. (بخاري، كتاب المظالم والغصب، باب لا يظلم المسلم المسلم ولا يسلمه، ۲ / ۱۲۶، الحديث: ۲۴۴۲) ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ رزق ۾ ڪثرت ۽ عمر ۾ برڪت جو سبب آهي. (بخاري، كتاب الادب، باب من بسط له في الرزق بصلة الرحم، ۴ / ۹۷، الحديث: ۵۹۸۵) ❖ رشتي سان سنو ورتاؤ اهو آهي ته جڏهن ان کان رشتو ٽوڙيو وڃي ته هو ان کي جوڙي. (بخاري، كتاب الادب، باب ليس الواصل بالمكافئ، ۴ / ۹۸، الحديث: ۵۹۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول** !اسلام اهڙو پيارو دين آهي جو جنهن جا احڪام آسان ۽ ان ۾ زندگي جو سچو نظام ٻڌيل آهي. هن ۾ عَمَل نديو پر ان جو ثواب گهڻو آهي. اسلام ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ اچڻ وقت کان وٺي قَبر ۾ وڃڻ تائين جو سمورو نظام آهي، زندگي جي هر شعبي جا قانون هن ۾ موجود آهن. ٻار کي کير پيئارڻ، کير ڇڏائڻ، پرورش ڪرڻ، تعليم، روزگار، شادي، غمي خوشي جا سمورا اَحڪام تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. امير غريب، سلطان وزير، دنيا کي ڇڏڻ واري ۽ ٻار ٻچن واري سيني جي لاءِ قانون ٻڌايا ويا آهن. هن سان گڏ اسلام جا احڪام نهايت ئي آسان جو جنهن تي هر شخص عمل ڪري سگهي ٿو. اسلامي قانون اهڙا مضبوط، مڪمل ۽ ناقابلِ تبديل آهن جن جو مثال نٿو ملي.

## اسلام ۾ خانداني نظام

پيارا اسلامي ڀائرو! دين اسلام جي اها خُصُوصِيت آهي ته زندگي جو ڪو به

مرحلو هجي، اسلام پنهنجي ڪنهن بہ حڪم ۾ اهو اِحسَاس تيڻ ناهي ڏنو تہ ان ڪنهن شخص يا زندگي جي ڪهڙي پهلو کي نَظَر انداز ڪيو هجي، يا ڪنهن جي سجاڳي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشِش ڪئي هجي. اسلام خانداني نظام کي مضبوط رکڻ جا اهڙا احڪام بيان ڪيا آهن جو جن کي ڪرڻ سان نہ صرف خاندان مضبوط رهي ٿو بلڪ معاشرو بہ مضبوط ٿئي ٿو چوتہ خاندان ئي معاشري جو بنيادي جز آهي، جنهن جي مَضبُوطِي معاشري جي مَضبُوطِي آهي، اسلام جتي اولاد کي والدين جي اڳيان اُف تائين نہ چوڻ جو حڪم ڏنو آهي اتي والدين تي اولاد جي مڪمل تربيت جي ذمہ داري بہ عائد ڪئي آهي ۽ فرمائي ڇڏيو تہ توهان مان هر هڪ نگران آهي ۽ هر هڪ کان ان جي ماتحت جي باري ۾ پڇيو ويندو. زال مڙس جي وچ ۾ هر هڪ کي الڳ الڳ ذمہ داري ڏني وئي آهي ۽ فرمايو ويو تہ جهڙي طرح عورتن تي مڙسن جي حقن جي ادائيگي واجِب آهي اهڙي طرح مڙسن تي عورتن جي حقن جي رِعَايت لازِم آهي ۽ مردن کي فضيلت حاصِل آهي. هڪ گهراڻي ۾ جيڪڏهن والدين کان علاوه يا والدين ئي ۾ ڪو نگران آهي ۽ باقي هن جي ڪفالت هيٺ آهن تہ حڪم ڏنو ويو تہ جيڪو حاڪم پنهنجي ماتحتن جي لاءِ دروازو بند ڪري ونندو آهي الله پاڪ پنهنجي رحمت جا دروازا ان جي لاءِ بند ڪري ڇڏيندو آهي. (ترمذي ابواب الاحكام ص٢٢٧) هڪ طرف خرچ ڪرڻ وارن کي اهڙي ترغيب ڏني وئي آهي جو فرمايو ويو پاڙيسرين جي ڪري ٻوڙ (رَس) وڌيڪ ٻڌايو پر ٻي پاسي اهو بہ فرمايو ويو تہ ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ڦهلايو. چوتہ مٿيون هٿ هيٺئين هٿ کان بهتر آهي. مردن کي نگاهون هيٺ رکڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ ٻي پاسي عورتن کي پنهنجي زينت ظاهر نہ ڪرڻ ۽ گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. هڪ پاسي اهو حڪم ڏنو ويو تہ تُهمَت جي جڳهہ تي نہ وڃو تہ ٻئي پاسي اهو بہ فرمايو ويو تہ ڪنهن جي باري ۾ بدگماني نہ ڪيو. وڏن کي حڪم آهي تہ ننڍن سان شَفقَت سان پيش اچن تہ ننڍن کي حڪم آهي تہ وڏن جو ادب ڪن.

اهو آهي اسلام جو خانداني نظام جو جنهن جي تحت هر هڪ جي لاءِ اهڙو پيارو اُصول بيان فرمايو ويو جو ان تي عَمَل ڪرڻ جي صورت ۾ پاڻ ۾ پيار ۽ مَحبَّت جو اهو مثال قائم ٿي سگهي ٿو جو ماڻهن ۾ جهيڙا، ساڙ ۽ ڪينو، حسد و تڪبر ۽ هڪ ٻئي جي قتل جون مَذمت جوڳيون وارداتون پڻ ختم ٿي وينديون ۽ هر گهر امن جو گهوارو بڻجي ويندو.

اچو هاڻي ٻڌون ٿا ته اسان جي بُزُرگانِ دِين جو خانداني نظام ڪهڙو هوندو هو ۽ ان جو پنهنجي رت جي رشتيدارن سان تَعَلّق ڪهڙو هو؟.

## پيڻ ڀاءُ جو پاڻ ۾ ناتو ڪيئن هجي

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي پنهنجي ڀاءُ سان مَحبَّت ڏسو جو ان جي لاءِ دُعا فرمائي رهيا آهن، جنهن جو ذڪر ربِّ ڪريم پنهنجي ڪلامِ پاڪ ۾ فرمايو: سيپاري 9، سورۃ الاعْراف جي آيت نمبر151 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَ لِاَخِيْ وَ اَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ۖ وَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۵۱﴾ | ترجموڪنز الايمان: عرض ڪيائين اي مُنهنجا رب مُون کي ۽ مُنهنجي ڀاءُ کي بخش ۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تُون سڀني کان وڌيڪ مِهربان آهين. |

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت سڳوري جي حوالي سان لکيل آهي ته اها مغفرت جي دُعا اُمّت جي تعليم جي لاءِ آهي، نه ته انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام گناهن کان پاڪ هوندا آهن، ان ڪري حضرت موسيٰ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي ڀاءُ کي هن دعا ۾ شامل فرمايو جڏهن ته ان کان ڪا ڪوتاهي نه ٿي هئي. هن دعا ۾ حضرت هارون عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دِلجوئي ۽ قوم اڳيان سندن جي اِڪرام جي اظهار جو به مقصد هو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان سندن ڀائرن جيڪو رَوَيو اپنايو اهو ڪيتري قدر تڪليف ده هو پر پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام اِنتِقام وٺڻ بدران معاف ڪري ڇڏيو، جيئن سيپاري

13۔سُورهٔ يوسُف جي آيت نمبر92 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۹۲﴾ | ترجمو ڪنز الايمان: چيائين اڄ توهان تي ڪا ملامت ناهي الله توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڏيڪ مهربان آهي. |

حديثِ مبارڪ ۾ آهي: جنهن جون ٽي نياٽيون يا ٽي ڀينرون هجن يا ٻه نياٽيون يا ٻه ڀينرون ۽ ان انهن سان سٺو ورتاءُ ڪيو ۽ انهن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄندو رهيو ته ان کي جنّت ملندي. (ترمذی،۳/۳۶۷،حديث:۱۹۲۳) بلڪ هڪ ڀيري ته چار آڱريون گڏائي جنّت ۾ گڏ هئڻ جي خوشخبري ٻڌائي: اهڙو شخص جنت ۾ مون سان گڏ هيئن هوندو. (مسند احمد،۴/۳۱۳،حديث:۱۲۵۹۴)

ہو بہرِ ضیاء نظرِ کرم سُوئے گنہگار جنّت میں پڑوسی مجھے آقا کا بنا دے

## حضرت جابر جو پنهنجي ڀينرن سان سُلوڪ

اي عاشقانِ رسول! ٻڌو اوهان! ڀينرن سان سٺو برتاؤ ڪرڻ سَبَب جنت ته ملندي ئي بلڪ جنت ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ به ملندو. بعض صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ته پنهنجي ڀينرن جي خاطر وڏيون وڏيون قربانيون به ڏنيون آهن جيئن ته حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه صرف پنهنجي 9 يا 7 ڀينرن جي سار سنڀار، انهن جا وار سنوارڻ ۽ چڱي تربيت جي خاطر هڪ بيوه عورت سان نڪاح ڪيائون. جڏهن رسولِ اڪرم، نبي مڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو ته پاڻ برڪت جي دعا فرمائي. (مسلم،ڪتاب الرضاع،باب استباب البڪر، حديث : ۳۶۴۱)

مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خوش دلي سان بن نياٽين کي نپائڻ، چاهي پنهنجون نياٽيون هجن يا ڀينرون هجن يا يتيم ٻارڙيون، قيامت ۾ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان قُرب جو ذريعو آهي ۽ جنهن کي ان ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب نصيب ٿي وڃي ان کي سڀ ڪجهه ملي ويندو. ( مراٰۃالمناجيح ، ۶/ ۵۴۶)

گر محمد کا ساتھ ہو جائے | پھر تو سمجھو نجات ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پنهنجي رضاعي پيڻ سان سٺو سلوڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرتِ جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي پيئرن سان سٺي سُلُوڪ جو جذبو جنهن در تان مليو، ان جي به چا ڳالهه ڪجي! يعني منهنجي پياري پياري آقا، مڪي مَدَني مصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اهو شان هو جو جنگ اَوطاس ۾ جڏهن دشمن کي شِڪست ٿي ته جنگي قيدين ۾ حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رَضَاعي پيڻ ۽ حضرت سيده حليمه سعديه رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي صاحبزادي حضرت سيده شِيمَاء رَضِیَ اللہُ عَنْہا به گرفتار ٿيون، جڏهن انهن کي شناخت جي لاءِ سندن بارگاهه ۾ حاضر ڪيو ويو ته انهن کي سچاٽي جوشِ محبت ۾ سندن اکين ۾ لڙڪ لڙي پيا ۽ پاڻ پنهنجي چادر مبارڪ زمين تي وڇائي انهن کي ويهاريو ۽ پوءِ ڪجهه اٺ ۽ ٻڪريون ڏئي ارشاد فرمايائون: توهان آزاد آهيو، جيڪڏهن توهان چاهيو ته مون وٽ رهو ۽ جيڪڏهن پنهنجي گهر وڃڻ چاهيو ته مان توهان کي اتي پهچائي ڇڏيان ٿو. انهن پنهنجي گهر وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته انتهائي عزت و اِحترام سان انهن کي سندن قبيلي ۾ پهچايو ويو. (شرح الزرقاني ،المقصد الاول،الفصل غزوة اوطاس،۵۳۴/۳ ملخصاً)

سُنّتوں کی بہاریں عطا | یاحبیبِ خدا کیجئے
بھائیو! گر سکوں چاہیے | سُنّتوں پر چلا کیجئے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً پيڻ ڀاءُ جو پاڻ ۾ تَعلّق اهڙو ئي هئڻ گهرجي جيئن شَريعَت اسان کي رکڻ جو حڪم ڏنو آهي. اسلام جي تعليمات اها به آهي ته وڏا ننڍن تي شَفْقَت ڪن ۽ ننڍا وڏن جو ادب ڪن.

[1] وسائل بخشش (مُرمّم)،ص۵۰۶

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان کي مخاطب ڪري فرمايو تہ ٻڌايو اهو ڪهڙو وڻ آهي جنهن جا پن ناهن ڪرندا، ۽ هو مومن جي مثل آهي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو صاحبزادو حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ بہ اتي موجود هو، اهو فرمائي ٿو تہ منهنجي دل ۾ ان جو جواب آيو تہ اهو ڪجي جو وڻ آهي پر مان وڏن صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان جي موجودگي ۾ جواب ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ خاموش رهيس. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ ئي جواب ارشاد فرمايو تہ اهو ڪجي جو وڻ آهي. واپسي تي مون پنهنجي والد حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي سوال جي جواب بابت ٻڌايو تہ مون کي ان سوال جو جواب ايندو هو پر مان اوهان سيني جي سبب خاموش رهيس. (ترمذي،ڪتاب الامثال، ما جاء في مثل المؤمن...الخ، ج۴، ص۳۹۶، حديث:۲۸۷۶)

اها هئي اسان جي صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان جي تعليم ۽ وڏن جو ادب، جو ڳالهہ معلوم هئڻ باوجود وڏن جو ادب ڪيو ۽ جواب نہ ڏنائون تہ ڪٿي وڏن کي شَرمِندَگي نہ ٿئي. ننڍا ايترو ادب و اِحتِرام ڪندا ها جو وڏن جي موجودگي ۾ محفل ۾ ڳالهائڻ بہ بي ادبي تَصَوُّر ڪندا هئا. پر **افسوس!** اڄ وڏن ۽ ننڍن جي وچ ۾ محبت ۽ ادب اهڙو ناهي رهيو. اڄ اسان جي وچ ۾ وڏن ۽ ننڍن ۾ اهڙي حَياء جا مثال گهٽ ئي نظر ٿا اچن. نہ ننڍن ۾ وڏن جو ادب آهي ۽ نہ وڏن ۾ ننڍن تي شَفقَت آهي.

**اي عاشقانِ رسول! ڇا اوهان کي خبر آهي:** اسان ۾ ننڍي وڏي جي تميز ڇو ختم ٿي وئي آهي؟ ڇو ننڍا وڏن جو ادب ۽ وڏا ننڍن سان محبت نٿا ڪن، ان جو سڀ کان وڏو سبب **دِين اسلام ۽ ان جي تعليمات کان دُوري آهي.** اسان پنهنجي اولاد کي دنياوي ماڻهن سان ڳالهہ ڪرڻ ۽ معاشري ۾ پنهنجو درجو وڏو رکڻ جي لاءِ مهانگن اسڪولن ۾ دنياوي تعليم تہ ڏياريون ٿا پر آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ ۽ زندگي جي اسلامي مقصد جي لاءِ ان کي ديني تعليم نٿا

ڏياريون. اسان انهن کي دنيا ۾ ڪامياب ڪاروبار ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگي خوشحال گذارڻ جي لاءِ تعليم ۽ ڊپلوما تہ ڏياريون ٿا پر قبر جي اِمتحَان ۾ ڪاميابي ۽ آخرت ۾ جنت جي حُصُول جي لاءِ نماز جي تعليم ۽ پنهنجي فرائض جي بنيادي تعليم کان محروم رکون ٿا. اسان جو فُوڪَس دُنياوِي جاب (Job) تہ آهي پر فرائض و واجبات اسان وساري ويٺا آهيون. اسان کي دنياوي شين جي مڪمل معلومات تہ آهي پر شرعي احڪامات جو اسان کي علم نہ آهي.

**ياد رکو!** دنيا جون تمام ڪاميابيون اسلامي تعليمات ۾ پوشيده آهن. اسلامي تعليم ئي اها تعليم آهي جيڪا دنيا ۾ بہ ڪامياب بڻائي ٿي ۽ آخرت ۾ بہ ڪاميابي ڏياري ٿي. اڄ عام طور تي دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جو وڏو مقصد مال جو حُصُول آهي جڏهن تہ دين اسلام جي تعليم اهو فرمائي ٿي تہ توهان پنهنجي رت جي رشتيدارن سان سنو ورتاؤ ڪيو، الله پاڪ توهان جو رِزق وڌائيندو. گهڻو عرصو زنده رهڻ ۽ زندگي مان لطف وٺڻ جي لاءِ ورزش ۽ مُختَلِف غذائن جو سهارو ورتو ويندو آهي پر اسلام جي تعليمات اها آهي تہ پنهنجي رت جي رشتن سان سنو سُلُوڪ ڪيو توهان جي عمر ۾ بَرَڪت وِڌي ويندي. اڄ مال جي خاطِر پيڻ ڀاءُ کي ڇڏيو ويندو آهي پر اسلام جي تعليمات اها آهي تہ پيڻ ڀاءُ سان تَعَلّق رکو توهان جي مال ۾ بَرَڪت وڌي ويندي. اڄ معاشي طور تي مضبوط هئڻ جي لاءِ پنهنجي قريبي رشتن سان تَعَلّق ٽوڙيو ويندو آهي ۽ اڪيلو رهي ڊپريشن ۽ طرح طرح جي بيمارين جا شڪار ٿي ويندا آهن جڏهن تہ اسلامي تعليم تي عمل ڪرڻ وارا پنهنجي رشتن کي جوڙي پنهنجي رِزق ۽ عمر ۾ بَرَڪت سان گڏوگڏ انهن هلاڪ ڪرڻ وارين بيمارين کان بہ پري رهندا آهن. اڄ جنهن دنيا کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ۽ پنهنجي پيڻ ڀاءُ سان تَعَلّق ٽوڙي خوب مال و دولت حاصِل ڪندا آهن پر بي سڪوني ۽ وڏين وڏين بيمارين ۾ مُبتَلا بہ ٿي ويندا آهن. هن ئي دنيا جا دنياوي دانشور هن ڳالهہ کي تسليم ڪن ٿا تہ انسان پنهنجي رت جي رشتن کان پري رهي طرح طرح جي بيمارين جو شِڪار ٿي ويو آهي. انهيءَ سبب ماڻهن

۾ عدمِ بَرداشت ۽ تنهائي جو اِحسَاس تيزي سان وڌي رهيو آهي ۽ ماڻهو هڪ ٻئي سان تمام جلد جهيڙو ڪري وٺندا آهن. اهي جيستائين پنهنجي خانداني نظام سان گڏ زندگي گذاري رهيا هئا تيستائين اهي بي سڪوني ۽ طرح طرح جي نئين بيمارين کان بچيل هئا پر جڏهن ان هن نظام کان پاسو ڪري پنهنجي الڳ سان زندگي گذارڻ شروع ڪئي تڏهن کان ان کي طرح طرح جي بيمارين جڪڙي ورتو آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** اچو اسان اسلام جي احڪامن کي لازم ڪري وٺون، ڇوته انهيءَ ۾ ٻنهي جهانن جون ڀلائيون آهن. اچو! اسان دل مان بغض ۽ ڪيني کي دُور ڪري پنهنجي خوني رشتن سان تَعَلّق کي قائم ڪريون ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **الله پاڪ جي رضا** حاصِل ٿيندي آهي. ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ **ڪرڻ ماڻهن جي خوشي** جو سبب آهي. ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **ملائڪ خوش** ٿيندا آهن ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ واري جي **واڪاڻ** ڪئي ويندي آهي ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **شيطان کي رنج** پهچندو آهي ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **عمر وڌندي آهي** ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **رزق ۾ بَرَڪت** ٿيندي آهي ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **فوت ٿي وڃڻ وارا** مسلمان پيءُ ڏاڏا خوش ٿيندا آهن ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان پاڻ ۾ **محبت وڌندي آهي** ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان وفات کان پوءِ **ثواب ۾ اضافو** ٿي ويندو آهي، ڇوته جڏهن ماڻهن کي ان جو اِحسَان ياد ايندو آهي ته ماڻهو ان جي لاءِ **دُعاءِ خير** ڪندا آهن. (تَنبيه الغافِلين،باب صلة الرحم، ص73) ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو **ثواب** جلد ملندو آهي ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ قِيامَت جي ڏينهن **حساب کان بچائيندو**. ❖ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ سان **سنو موت** نصيب ٿيندو ۽ رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ وارو قِيامَت جي ڏينهن عرش جي ڇانوَ ۾ هوندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻڌو تہ صلہ رحمي ڪرڻ واجب آهي يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ واجِب آهي ۽ ان جا تمام گهڻا فائدا آهن. اچو هاڻي ٻڌون ٿا تہ رشتيدارن سان سني سلوڪ مان ڇا مراد آهي؟

امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادِري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه رشتيدارن سان سني سُلُوڪ جي تمام پياري وضاحت فرمائيندي لکن ٿا: صلۂِ رِحم (يعني رشتيدار سان سلوڪ) جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهہ ۾ توهان جي مدد درڪار هجي تہ ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ[1] آهي.

## رشتيدارن سان صلہ رحمي ڪرڻ واجب آهي

اي عاشقانِ رسول! شَريعَت وڪ وڪ تي مائٽن سان سنو ورتاء ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، جنهن سان جيترو قريبي رشتو آهي ان سان ايترو ئي وڌيڪ صلہ رحمي جو حڪم ڏنو ويو آهي، عَلاَّمَہ يحيیٰ بن شَرَف نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حسنِ سُلُوڪ جي سڀ کان وڌيڪ مُستَحِق ماڻهن جي ترتيب بيان ڪندي فرمائن ٿا: حسن سُلُوڪ جي سڀ کان وڌيڪ حقدار ماءُ آهي، پوءِ پيءُ، پوءِ اولاد پوءِ ڏاڏو ۽ ڏاڏي، پوءِ ڀيڻ ۽ ڀاءُ، پوءِ تمام رت جا رشتيدار يعني چاچو، ڦُڦي، مامو ۽ ماسي. هاڻي انهن مان جن سان جيترو قريبي تَعَلّق آهي ان کي ٻين تي ترجيح حاصِل هوندي. اهڙا رشتيدار جن جو تَعَلّق ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي کان آهي، انهن کي انهن رشتيدارن تي ترجيح ڏينداسين جن جو تَعَلّق فقط ماءُ يا فقط پيءُ سان آهي. ان کان پوءِ چاچو، ڦُڦي، مامو ۽ ماسي جو اولاد، پوءِ ان کان بعد ساهرن وارن رشتيدارن جو حق آهي. پوءِ دَرجَہ بَدَرَجَہ دوست جو حق آهي پوءِ پاڙيسري جو حق

---

[1] احترام مسلم، ص34،بحواله (دُرَر ج1 ص323 )

آهي. پر پري رهڻ واري رشتيدار کي پاڙيسري تي ترجيح ڏيندا سين ۽ جيڪڏهن قريبي رشتيدار ٻئي شهر ۾ رهي ٿو تہ ان کي بہ اجنبي پاڙيسري تي مقدم ڪنداسين ۽ پوءِ مڙس گهرواري جي ۽ گهرواريءِ مڙس جي رشتيدارن سان حسن سُلُوڪ ڪري. (شرح مسلم للنووي ، کتاب البر والصلة والآداب ، باب برالوالدين وانهما احق به ، 8/ 103، جزء 16)

## رشتيدارن سان تعلقات ٽوڙڻ جي نحوست

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح صلہ رحمي ڪرڻ تي طرح طرح جا اِنعَامَات آهن اهڙي طرح رشتن کي ٽوڙڻ تي بہ **طرح طرح جون وعيدون** آهن. سيپاري 13، سوره رعد جي آيت نمبر 25 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِیْنَ یَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِیْثَاقِهٖ وَ یَقْطَعُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ یُّوْصَلَ وَ یُفْسِدُوْنَ فِی الْاَرْضِۙ اُولٰٓىٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَ لَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿۲۵﴾ | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جنهن جي ڳنڍڻ جو الله حڪم فرمايو ان کي ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد ڦيلائيندا آهن انهن جو حصو لعنت ئي آهي ۽ انهن جو نصيب برو گهر آهي. |

**تفسير صراط الجنان** ۾ آهي: جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي صلہ رحمي ڪرڻ ۽ رشتيداري جوڙڻ جي ڏنل حڪم کي ٽوڙين ٿا، ڪفر ۽ گناهن جو ارتڪاب ڪري زمين ۾ فساد ڦهلائين ٿا، انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي رحمت کان دُوري آهي ۽ اُنهن جي لاءِ بُرو گهر يعني جهنم آهي. (خازن، الرعد، تحت الآية: ۲۵، ۳ / ۶۴-۶۵، ملخصاً)

الله پاڪ قرآن پاڪ جي سيپاري 4 سوره نساء جي پهرين آيت ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَؕ (پ۴،النساء:۱) | ترجموڪنز الايمان: ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سان سوال ڪندا آهيو ۽ رِشتن جو لِحاظ رکو. |

پيارا اسلامي ڀائرو! رشتيدارن سان تَعَلّق ٽوڙڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي بلڪ نُقصَان ئي نُقصَان آهي. ۽ اهو ايترو اهم ڪم آهي جو ان جي باري ۾ ڪل

بروزِ قِيامَت سوال ٿيندو تہ ڇا پنهنجي رت جي رشتيدارن سان تَعَلّق قائم رکيو؟

**ياد رکو!** شرعي طور تي قطع تعلقي ڪنهن بہ مسلمان سان جائز نہ آهي ها رشتيدارن سان قطع تعلقي وڏيڪ سخت آهي. پنهنجي رشتيدارن سان تَعَلّق ٽوڙڻ وارو ڪيترو بدنصيب آهي، ان جو اندازو هن حديثِ مبارڪ مان لڳايو جنهن ۾ فرمايو ويو تہ الله پاڪ جي رسول، رسول مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ رشتيدارن سان قَطع رِحمي ڪرڻ وارو جنت ۾ نہ ويندو. هڪ ٻي حديثِ مُبارَڪ ۾ آهي تہ هو جنت جي خوشبو بہ نہ سُونگهي سگهندو.

رشتيدارن سان تَعَلّق ختم ڪرڻ وارو اهڙو بدبخت آهي جو ان تي آسمان جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. رشتيدارن سان تَعَلّق ٽوڙڻ واري کي صحابہ ڪرام پنهنجي مجلس مان ڪڍي ڇڏيندا هئا جيئن تہ حديثِ مبارڪ ۾ آهي:

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ ڀيري صبح جي وقت مجلس ۾ تشريف فرما هئا تہ فرمايائون: مان رشتو ٽوڙڻ واري کي الله پاڪ جو قسم ڏيان ٿو تہ اهو هتان اٿي وڃي تہ جيئن اسان الله پاڪ کان مَغفِرَت جي دعا گهرون، ڇوتہ رشتو ٽوڙڻ واري تي آسمان جا دروازا بند رهندا آهن. (معجم ڪبير، باب العين ، عبدالله بن مسعود الهذلي... الخ ،١٥٨/٩،حديث:٨٧٩٣) يعني جيڪڏهن هو اٿي موجود رهندو تہ رحمت نہ لهندي ۽ اسان جي دُعا قبول نہ ٿيندي.

الله اَڪبَر! اسان الله پاڪ جي پناه گهرون ٿا ۽ هن کان عَافِيت طَلَب ڪريون ٿا تہ اهو اسان کي اهڙي جُرم کان مَحفُوظ رکي ۽ پنهنجي رحمت جا دروازا اسان تي بند نہ فرمائي. آمين.

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! ڏکي وجو ۽ جيڪڏهن اسان هن گناه ۾ مُبتَلا آهيون تہ هن کان توبہ ڪري ونون تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ان جي نُحُوسَت جي

ڪري دنيا ۾ بہ عذاب جا شِڪار ٿيون ٿا ۽ آخِرَت بہ برباد ٿي وڃي، قَطع رِحمي ڪرڻ واري تي رحمت نازل ناهي ٿيندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ صلہ رحمي الله پاڪ کي پسند ۽ الله پاڪ جي رحمت جو ذريعو آهي جڏهن تہ قَطع رِحمي الله پاڪ کي ناپسند ۽ ان جي عذاب کي دعوت ڏيڻ آهي. پاڻ کي الله پاڪ جي رحمت جو حق دار بنائڻ ۽ الله پاڪ جي عذاب کان بچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اهو ديني ماحول اوهان کي صلہ رحمي ڪرڻ وارو بہ بڻائيندو ۽ قَطع رِحمي کان بچڻ وارو بہ بڻائيندو. اهو اهڙو پيارو ديني ماحول آهي جو جنهن سان ڪروڙين ماڻهن جون زندگيون عشقِ رسول ۾ بدلجي ويون ۽ اهي سنتِ رسول جا پابند بڻجي ويا، هن ماحول جي بَرَڪت سان رشتيدارن سان تَعَلّق ٽوڙڻ وارا انهي رشتيدارن سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي ويا بلڪ ماڻهن کي هن ڳالهہ جو درس ڏيڻ لڳي ويا.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم تفسير ٻڌڻ، ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! پنهنجي اندر حسنِ سُلُوڪ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 ديني ڪمن مان روزانو جو هڪ ديني ڪم "تفسير ٻڌڻ، ٻڌائڻ جو حلقو" بہ آهي. نمازِ فجر کان پوءِ مسجدن ۾ روزانو (3) آيتن جي تلاوت مع ترجَموڪنزالايمان ۽ تفسيرخزائنُ العرفان، تفسير نُورالعرفان يا تفسير صِرَاطُ الجِنَان، (درسِ فيضانِ سُنَّت)، منظوم شجره قادِريہ رَضَويہ عطاريہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو معمول هوندو آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه هن حلقي جي بَرَڪت سان مسجِد ۾ ويهڻ جو ثَواب حاصِل ٿيندو آهي، هن حلقي جي بَرَڪت سان تِلاوتِ قُرآن ڪرڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي، قُرآنِ ڪريم کي ترجمي ۽ تفسير سان سمجهڻ جو بهترين موقعو ملندو آهي، اِشراق و چاشت جا نفل پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. بُزرگانِ دِين رَحۡمَةُ الله

عَلَیۡہِم جي ذِڪرِ خَير تي مُشتَمِل شَجَرو شريف پڙهڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي ۽ بُزرگانِ دِين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم اَجۡمَعِین جي ذڪرِ خَير تي مُشْتَمِل هن مُبارَڪ شَجَري جي بَرَڪت سان ڪيئي عاشِقانِ رسول جون دعائون قبول ٿين ٿيون، مصيبتن ۽ پريشانين کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو آهي ۽ رُڪيل ڪم بڻجي ويندا آهن.

اچو! تَرغِيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم هو. انهن کي هڪ ٻيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزائن جي لاءِ ڪيئي ڀيرا درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشش جي باوُجود ويزائون نہ ملي سگهيون. مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽڻو پيو. خير هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعر کي بِلاناغہ پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم حَيرت اَنگيز طور تي ڪجھ ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي گهربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.

مُشکِلیں حَل کر شہِ مُشکِل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر ايپ (Quran Teacher App) جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪرڻ واري 107 شعبن مان بعض شعبن کي بعض شعبن ۾ جوڙي 80 **شعبا ٺاهيا ويا آهن ۽ اهي سڀ** اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! ديني ڪم ڪري رهيا آهن، انهن مان هڪ شعبو آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ (I.T Department) بہ آهي، هن شعبي عاشقانِ رسول جي لاءِ ڪوڙ ساريون موبائل ايپلي ڪيشنون ٺاهيون آهن، انهن

۾ هڪ جو نالو ”Quran Teacher“ بہ آهي، هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي اسين 30 ڪان وڌيڪ ديني ڪورسن ۾ داخلا وٺڻ سان گڏوگڏ پنهنجي داخلي جو اسٽيٽس بہ چيڪ ڪري سگهون ٿا. وڌيڪ اهو تہ ڪورسن جو مختصر تعارف، پنهنجي رجسٽريشن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪلاس جي سرگرمين جي معلومات، ڪورسن بابت تفصيلات ۽ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي اپ ڊيٽس بہ حاصل ڪري سگهو ٿا. تہ اچ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپ انسٽال ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،۱/۹۷، حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان سلام جي باري ۾ ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ❖ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ❖ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“ (بهار شریعت، ۳/۴۵۹،حصہ ۱۶

ملخصا) ❖ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي. ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **اللّٰه** پاڪ جو مُقرّب آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ، ڪتاب، ۴۳۳/۶،حديث:۸۷۸۶) ❖ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. (ڪيميائے سعادت،۳۹۴/۱) ❖ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ اللّٰه بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، بلڪ ڪي تہ مَعاذَاللّٰه ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا پار اسان جا غلام. ❖ سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجِب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي. سَلام ۽ سلام جي جَواب جو دُرُست تَلَفُّظ ياد ڪريو. ڀِريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ هاڻي ڀِريان مان جَواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان ان کي دهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلام.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع،الباب الثانى، ص277)

## ﴾4﴿ ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149)

## ﴾5﴿ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي. (القول البديع،الباب الاول،ص125)

## ﴾6﴿ دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠)

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وآلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن. (مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10 /254، حديث:17305)

## ﴿2﴾ ڇڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو ته ان ڇڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي. (تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الۡحَلِيۡمُ الۡکَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!      صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد